اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ ؕ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# فرعون جو خواب

## درود شريف جي فضيلت

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو.

(مسلم ص 216 حديث 408)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# ﴿1﴾ فرعون جو خواب

فرعون هڪ دفعي خواب ڏٺو ته ”بيت المقدس واري پاسي کان باهه ڀڙڪي پئي آهي جنهن سموري مصر کي وڪوڙي ڇڏيو آهي ۽ سڀني قِبطين کي ساڙي ڇڏيو آهي پر بني اسرائيل کي باهه مان ڪو نقصان نه پهتو.“ اهو عجيب و غريب خواب ڏسي فرعون پريشان ٿي ويو، ان نجومين کان تعبير معلوم ڪيو ته انهن ٻڌايو: ”بني اسرائيل ۾ هڪ ڇوڪرو پيدا ٿيندو، جيڪو تنهنجي بادشاهت ختم ٿيڻ جو سبب بڻجندو.“ اهو ٻڌي فرعون حڪم ڏنو ته بني اسرائيل ۾ جيڪو به ڇوڪرو پيدا ٿئي، ان کي قتل ڪيو وڃي. اهڙي طرح فرعون جي حڪم

سان 12 هزار يا 70 هزار ڇوڪرا قتل ڪيا ويا.
(تفسير خازن ج 1 ص 52)

# فرعون جو اصل نالو ڇا هو؟

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مُنّيو! اڳوڻي زماني ۾ ”مصر“ جي بادشاهن جو لقب ”فرعون“ هوندو هو، اهڙي نموني ”روم“ جي بادشاهن جو قَيصَر، ”فارس“ (ايران) جي بادشاهن جو ڪِسرىٰ، ”يَمَن“ جي بادشاهن جو تُبَّع، ”تُرڪ“ بادشاهن جو خاقان ۽ ”حبشہ“ جي بادشاهن جو لقب نجّاشي هوندو هو. مصر ۾ جيترا بہ بادشاهہ ٿي گذريا آهن، انهن ۾ حضرت سيِّدُنا موسىٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دؤر جو فرعون سڀني کان وڌيڪ بداخلاق، سخت دل ۽ ظالم هو، فرعون جو نالو وَليد بِن

مُصۡعَبۡ بِن رَيّان ۽ ان جو تعلُّق قبيلۂ قِبۡطِيّہ سان هو. حضرت سيِّدُنا يُوسُف عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دؤر جي فرعون جو نالو رَيّان بِن وَليد هو، جيڪو ايمان آڻي چڪو هو. حضرت سيِّدُنا يُوسُف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دؤر جي فرعونن جي وچ ۾ 400 سالن کان وڌيڪ جو فاصلو هو.

## ﴿2﴾ حضرت موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

## جن کي ٻرندڙ تَنُور ۾ وڌو ويو!

حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي وِلادت جو وقت جڏهن ويجهو ٿيو تہ سندن امڙ وٽ اها دائي (Nurse/ Midwife) آئي، جنهن کي فرعون بني اسرائيل جي عورتن لاءِ مقرّر ڪيو هو. جڏهن حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا تہ سندن جي ٻنهي اکين جي وچ مان نُور جا ڪِرڻا نڪري رهيا هئا، جن کي ڏسڻ سان ئي ”دائي“ جو سَنڌ سَنڌ ڏڪڻ لڳو ۽ ان جي دِل ۾ حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي مَحَبَّت پيدا ٿي، ان سندن ماءُ کي چيو: مان تہ انهيءَ لاءِ

آئي هئس تہ جيڪڏهن ”ڇوڪرو“ پيدا ٿئي تہ ان جي ذبح جي ترڪيب ڪيان پر انهيءَ ٻار سان مون کي ڏاڍي مَحَبَّت ٿي چڪي آهي، انهيءَ لاءِ اوهان پنهنجي ٻار کي لِڪائي ڇڏيو تہ جيئن فرعونين کي خبر نہ پوي، اهو چئي اها دائي هلي وئي. فرعون جي جاسوسن دائي کي حضرت سيِّدُنا موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي گهران نڪرندي ڏٺو تہ دروازي تي پهچي ويا، حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي ڀيڻ (مريم) هڪدم وڃي پنهنجي امڙ کي انهن جاسُوسن جي خبر ڏني، پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي والده کي جلدي جلدي ۾ ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيو، گهٻرائجي ٻار کي ڪپڙي ۾ ويڙهي ٻرندڙ تنور

۾ وجهي ڇڏيو! فرعونين اچي سموري گهر جي تلاشي ورتي پر ڪو ٻار ڏسڻ ۾ نہ آيو، تنور ڏانهن انهن جو ڌيان ئي نہ ويو، واپس موٽي هليا ويا، پوءِ امڙ سائڻ جي ساهہ ۾ ساهہ پيو، ايتري ۾ تنور مان هوريان هوريان روئڻ جو آواز آيو، وجي جو ڏنائون تہ اللّٰہ تعاليٰ، حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ اللّٰه عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي باهہ کي ٿڌو ۽ سلامتي وارو بڻائي ڇڏيو هو، اهڙي طرح امڙ سائڻ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا) پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي تنور مان صحيح سلامت ڪڍي ورتو.

(تفسير بَغوي ج 3 ص 373)

# ﴿3﴾ واڍو گونگو ٿي ويو!

حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي والده هڪ واڍي (Carpenter) وٽ صندوق (Box) وٺڻ وئي. ان پڇيو: اوهان کي ڪاٺ جي پيتي ڇا لاءِ کپي؟ ته انهن سچي ڳالهه ٻڌائي ته پنهنجي پٽ کي ان ۾ وجهي، دريا ۾ لوڙهڻو آهي، ته سگهي ٿو اهو فرعونين کان بچي وڃي. ان واڍي انهن کي صندوق ته وڪڻي ڇڏي پر ان جي نيّت خراب ٿي چڪي هئي ۽ اهو فرعون جي انهن بي رحم جلّادن وٽ پهچي ويو، جيڪي بني اسرائيل جي ٻارن کي ذبح ڪرڻ لاءِ مقرّر هئا ته جيئن انهن کي نئين ڄاول ٻار جي باري ۾ ٻڌائي. جڏهن واڍو (Carpenter) انهن وٽ

پهتو تہ الله تعاليٰ ان جي زبان بند ڪري ڇڏي، ان هٿ جي اشاري سان سمجهائڻ چاهيو تہ فرعونين ان کي (چريو سمجهي) مارڪٽ ڪري اتان پڄائي ڇڏيو. جڏهن اهو واپس پنهنجي گهر موٽي آيو تہ الله تعاليٰ ان جي زبان کولي ڇڏي، اهو وري فرعونين وٽ ويو تہ جيئن انهن کي ٻڌائي، پر وري گونگو ٿي ويو! هٿن سان اشاري ڪرڻ جي ڪري انهن (چريو سمجهي) ان کي وري مارڪُٽ ڪيائون. جڏهن اهو گهر موٽيو تہ ان جي زبان وري صحيح ٿي وئي. جڏهن اهو ٽئين دفعي انهن کي ٻڌائڻ لاءِ پهتو تہ زبان وري بند ٿي وئي ۽ انڌو ٿي ويو، مارڪُٽ ڪري وري ان کي پڄائي ڇڏيائون. انهي تي ان سچي دل سان

توبھ ڪئي: يا **الله** عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏھن تون مون کي ھن پيري زبان ۾ اکين جو نور واپس ڪندين تہ پوءِ ڪنھن کي ان بار (حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ) جي باري ۾ نہ ٻڌائيندس. **الله** تعاليٰ ان جي توبھ قبول فرمائي ۽ ان کي ڳالھائڻ ۽ ڏسڻ واري طاقت موٽائي ڏني. (ايضًا)

## اسان تہ ڪنھن جو نہ بُرو چاھيون، نہ ٻڌؤن، نہ ڳالھايون

مٺا مٺا مَدَني مُنّو ۽ مُنّيو! ان حڪايت مان معلوم ٿيو تہ بُري نيّت جو نتيجو هميشہ بُرو ٿيندو آھي، ھي بہ معلوم ٿيو تہ **الله** تعاليٰ دشمنن کان بچائڻ جي طاقت رکي ٿو، ھي بہ خبر پئي تہ بُري نيّت کان توبھ ڪرڻ تي ان جي

سبب آيل مصيبت الله ربُّ العِزّت چاهي تہ ختم ٿي ويندي آهي. اوهان سيئي سڻا ٻار ٻڌجو ۽ پنهنجو هي ذهن ٺاهيو تہ اسان نہ ڪنهن مسلمان جو بُرو چاهيون، نہ ئي ٻڌئون، نہ ڳالهايون.

ہم تو بُرا کسی کا دیکھیں سنیں نہ بولیں

اچھّی ہی بات بولیں جب بھی زبان کھولیں

يعني اسان ڪنهن بہ مسلمان جو عيب نہ ڏسؤن ۽ جيڪڏهن خبر هجي تڏهن بہ ڪنهن کي نہ ٻڌايون ۽ جيڪڏهن ڪو ٻڌائي تہ ٻڌڻ کان بہ بچؤن. هر ڪنهن مسلمان جي باري ۾ شريعت جي دائري ۾ رهي فقط سٺي ڳالهہ ئي ڪيون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ دريا جي لهرن مان ماءُ جي هنج ۾

فرعون جي حڪم سان بني اسرائيل ۾ پيدا ٿيڻ وارن ڇوڪرن کي جن ڏينهن ۾ بيدردي سان ذبح ڪيو پئي ويو، انهن ئي ڏينهن دؤران حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پيدا ٿيا. سندن والده (هڪ روايت جي مطابق ٽئن مهينن تائين لڪائي رکيو هو پوءِ) فرعون جي ڊپ کان حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي هڪ صندوق ۾ رکي، درياءِ نِيل ۾ لوڙهي ڇڏيو. درياءِ نِيل مان هڪ نهر فرعون جي محل وٽان وهندي هئي، اها صندوق لُڙهندي درياءِ نِيل مان نهر ۾ آئي، فرعون ۽ ان جي گهرواريءَ حضرت بيبي آسِيه (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا) (جيڪي بعد ۾ حضرت

سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي ايمان آندو هئائون) ٻنهي ويٺي نهر جو نظارو پئي ڪيو. جڏهن انهن صندوق لُڙهندي ڏٺو ته نوڪرن کي موڪلي اها صندوق گهرايائون، جڏهن صندوق کولي وئي ته ان ۾ هڪ خوبصورت ٻار موجود هو. فِرعون ۽ بيبي آسِيه ٻنهي جي دلين ۾ اُن ٻار لاءِ مَحَبَّت پيدا ٿي وئي! حضرت بيبي آسِيه (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا) فرعون کي چيو:

قُرَّتُ عَيۡنٍ لِّيۡ وَلَكَؕ لَا تَقۡتُلُوۡهُۖ عَسٰۤى اَنۡ يَّنۡفَعَنَاۤ اَوۡ نَـتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۝۹

(پ 20 القصص: 9)

**ترجموڪنزالايمان:** هي ٻار منهنجي ۽ تنهنجي اکين جو ٺار آهي هن کي قتل نه ڪيو شايد هي اسان کي نفعو ڏي يا اسان ان کي پٽ ڪري وٺون ۽ اهي بي خبر هئا.

انهن ٻار کي پاڻ وٽ رکيو. حضرت سيِّدُنا

موسيٰ **كَلِيمُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اجا ڪير پياڪ بار هئا، ان ڪري انهن کي ڪنهن کير پيارڻ واري عورت جي ضرورت پئي پر حضرت موسيٰ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪنهن عورت جو کير پيئڻ ئي نہ پيا. هوڏانهن حضرت سيِّدُنا موسيٰ **كَلِيمُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي والده ڏاڍيون پريشان هيون تہ خبر ناهي منهنجو ٻچو ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو! نيٺ انهن حضرت سيِّدُنا موسيٰ **كَلِيمُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي ڀيڻ "مريم" کي حالات جي خبرچار لهڻ لاءِ فرعون جي مَحَل ۾ موڪليو، مريم جڏهن اهو حال ڏٺو تہ ٻار ڪنهن عورت جو کير نٿو پيئي تہ انهن فرعون کي چيو: "مان هڪ عورت وٽي ٿي اچان، شايد اهي

انهن جو ڪير پيئن.“ اهڙي طرح ”مريم“ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي والده کي فرعون جي محل ۾ وٺي ويون، انهن جيئن ئي ڪير پيارڻ شروع ڪيو تہ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪير پيئڻ لڳا. اهڙي طرح حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي والده کي ان جو وڇڙيل لال ملي ويو! (عجائب القرآن ص 171 بتصرف)

## موسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جي والد ۽ والده جو نالو

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مُنّيو! حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي والده جو نالو يوحانذ ۽ والد جو نالو عمران آهي. بيان ڪيل ايمان افروز حڪايت مان درس مليو تہ الله

تعاليٰ جيڪو چاهيندو آهي اهو ڪندو آهي. جنهن ”ٻار“ جي ڊپ ڪان فرعون هزارين ٻار ذبح ڪرائي ڇڏيا، ربُّ العِزّت ان ٻار جي پرورش ان فرعون جي ذمي لڳائي ڇڏي! هي ٻه خبر پئي ته الله ربُّ العِزّت جنهن جي حفاظت فرمائڻ چاهيندو آهي، دريا جي لهرن مان ٻه ان ڪي ڪو لهر لوڏو ناهي ايندو، جهڙي طرح حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪي درياءِ نِيل جي لهرن مان ڪٽي وري پاڻ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪي پنهنجي امڙ سائڻ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جي هنج ۾ پهچائي ڇڏيو.

تونے کس شان سے موسیٰ کی بچائی ہے جان

تیری قدرت پہ میں قربان خدائے رحمٰن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ فرعون جي بيمار ڌيءَ

هڪ روايت ۾ اچي ٿو: حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن جي والده پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي صندوق ۾ وجهي دريا جي حوالي ڪيو. فرعون جي فقط هڪ ئي ڌيءَ هئي، جنهن سان اهو ڏاڍي مَحَبَّت ڪندو هو، اها بَرَص[1] جي بيماري ۾ مبتلا هئي. فرعون ان بابت طبيبن ۽ جادوگرن سان مشورو ڪيو ته انهن چيو: ”اي بادشاهه! اها فقط ان صورت ۾ نيڪ ٿي سگهي ٿي، جڏهن دريا ۾ انسان جهڙي ڪا شيءِ ملي وڃي ۽ ان جو لُعاب يعني ٿُڪ

---

[1] بَرَص کي ڪوڙهه به چوندا آهن، ان بيماري ۾ يا ته جسم تي سفيد داغ ٿيندا آهن يا عُضوون تي سُوڄ ٿي ڪري آڱريون ڳري ڪِرڻ لڳنديون آهن.

ڪٽي ان جي بَرَص واري جاءِ تي لڳائي وڃي ۽ اهو بہ ان وقت ممڪن آهي جڏهن فلان ڏينهن ۽ فلان مهينو هجي ۽ سج بہ خوب روشن هجي.“ جڏهن اهو ڏينهن آيو تہ فرعون دريا جي ويجهو هڪ محفل سجائي، ان سان گڏ ان جي گهرواريءَ حضرت سيِّدَتُنا آسِيہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) بہ هيون (جن بعد ۾ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي ايمان آندو) درياءِ نِيل کان هڪ نهر نڪري فرعون جي محل وٽان وهندي هئي، اوچتو هڪ صندوق (Box) دريا جي لهرن ۾ لڏندي آئي ۽ هڪ وڻ وٽ اچي رُڪجي وئي. فرعون حڪم ڏنو: جلدي وڃي انهي صندوق کي مون وٽ کڻي اچو، ان جا نوڪر ٻيڙي تي چڙهي وڃي صندوق تائين پهتا ۽ انهن اها صندوق کڻي فرعون جي سامهون

پيش ڪئي. خادمن صندوق کولڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ کلي، پڇي کولڻ چاهيائون تڏهن بہ نہ پڳي. فرعون جي گهرواريءَ حضرت سيِّدَتُنا آسِيہ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا) جن کي صندوق ۾ چمڪندڙ نور نظر آيو جيڪو ٻين کي نظر نہ پئي آيو. جڏهن حضرت سيِّدَتُنا آسِيہ (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا) صندوق کي کولڻ چاهيو تہ آساني سان صندوق کلي وئي. ان صندوق ۾ هڪ ننڍو ٻار هو جن جي اکين جي وچ ۾ نور چمڪي رهيو هو، **الله** تعاليٰ انهن ماڻهن جي دلين ۾ ان ٻار جي مَحَبَّت وجهي ڇڏي، فرعون جي ڌيءَ ان ٻار جو لُعاب مُبارَڪ (يعني پِڪ شريف) ڪڍي جڏهن پنهنجي ڪوڙهہ وارين جاين تي لڳايو تہ انهي وقت نيڪ ٿي

وئي، ان مَحَبَّت وچان ٻار کي ڪٺي پنهنجي سيني سان لڳايائين. فرعون کي ڪن ماڻهن چيو: متان ڪٿي اهو اهوئي ٻار نہ هجي جنهن کان اسان بچڻ چاهيون ٿا، ٿي سگهي ٿو قتل جي ڊپ وچان ان کي دريا ۾ لوڙهيو ويو هجي. فرعون اهو ٻڌي ٻار کي ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر حضرت سيِّدَتُنا آسِيہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا) فرعون کي سمجهائي ميجائي ورتو ۽ ان ٻار کي پنهنجو پُٽ بڻايائون.

(تفسير ڪبير ج 8 ص 580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ﴿6﴾ ٽانڊوواتَ ۾ وڌائين

حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام هڪ ڏينهن فرعون وٽ ننڍي ڏنڍي سان کيڏي رهيا هئا، اوچتو پاڻ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اها ڏنڍي فرعون کي مٿي ۾ وهائي ڪڍيائون! فرعون انهيءَ ڏڪ سان سوچ ۾ پئجي ويو ۽ نيٺ حضرت سيِّدُنا موسيٰ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ته حضرت بيبي آسِيه (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا) چوڻ لڳيون: اي بادشاهه ڪاوڙ نه ڪر ۽ پاڻ کي بدبخت نه بڻاءِ، ڇوته هي ننڍو ٻار آهي جيڪڏهن تون چاهين ته ان کي آزمائي وٺ، مان ٿال ۾ سون ۽ ٽانڊا رکان ٿي، تون ڏس ته اهو ڪنهن کي ٿو ڪٽي! فرعون ان جي لاءِ تيار

ٿي ويو، جڏهن حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن سون ڏانهن هٿ ڏِگهو ڪيو تہ ملائڪ ان جو هٿ وٺي، ٽانڊي ڏانهن ڪري ڇڏيو، پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اهو ٽانڊو ڪڍي وات ۾ وجهي ڇڏيو، جڏهن ان جي تپش (يعني ساڙو) محسوس ٿيو تہ ان کي اڇلائي ڇڏيائون. اهڙي طرح فرعون پنهنجي پليد ارادي (يعني حضرت سيِّدُنا موسيٰ كَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي ذبح ڪرڻ) کان رڪجي ويو.

(مستدرڪ ج 3 ص 458 حديث 4150)

یاالٰہی تیری عظمت تیری قدرت واہ واہ

تیری حکمت مرحبا! تیری مشیّت واہ واہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# زبان جي لُڪنت (ٻاتاڻ) ختم ٿي وئي

مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مُنّيو! الله تَبارَڪ و تعاليٰ حضرت سيِّدُنا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي جڏهن فرعون وٽ وڃي ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو حڪم فرمايو. پر وات ۾ ”ٽانڊي“ رکڻ جي ڪري زبان مُبارڪ ۾ ٻاتاڻ ٿي پئي، تنهنڪري پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ جن جي دربار ۾ عرض ڪرڻ لڳا، ان جو بَيان 16 سيپاري سوره طٰهٰ جي آيت نمبر 25 کان 36 ۾ ان طرح ڪيو ويو آهي:

(**ترجموڪنزالايمان:** عرض ڪيائين اي منهنجا ربّ منهنجي واسطي منهنجو سينو کولي ڇڏ ۽ منهنجي واسطي منهنجو ڪم سولو ڪر ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کول جيئن اهي منهنجي ڳالهہ سمجهن ۽ منهنجي

واسطي منهنجي گھروارن مان ھڪڙو وزير ڪر يعني منھنجو ڀاءُ هارون، ان سان منھنجي چيلهہ سڌي ڪر ۽ ان کي منھنجي ڪم ۾ شريڪ ڪر جيئن اسان تنھنجي گھڻي پاڪائي بيان ڪريون ۽ توکي گھڻو ياد ڪريون بيشڪ تون اسان کي ڏسي رهيو آهين. فرمايائين: اي موسیٰ تنھنجا سوال توکي عطا ٿيا)

الله تعاليٰ دُعا قبول فرمائي، ٻاتاڻ ختم فرمائي ڇڏي ۽ سندن ڀاءُ حضرت سيِّدُنا هارون عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن کي انھن جو وزير بڻايو.

## زبان جي ٻاتاڻ جو علاج

زبان جي ٻاتاڻ وارو هر نماز کان پوءِ ست ڀيرا (سورهءِ طٰہٰ جون 25 کان 28) هيٺ ڏنل چار آيتون پڙهندو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ اهو صحيح ڳالهائڻ لڳندو.

رَبِّ اشۡرَحۡ لِیۡ صَدۡرِیۡ ﴿ۙ۲۵﴾ وَ یَسِّرۡ لِیۡۤ اَمۡرِیۡ ﴿ۙ۲۶﴾ وَ احۡلُلۡ
عُقۡدَۃً مِّنۡ لِّسَانِیۡ ﴿ۙ۲۷﴾ یَفۡقَهُوۡا قَوۡلِیۡ ﴿۪۲۸﴾

# ڇا اوهان ڪولڊ ڊرنڪ (يعني بوتل) شوق سان پيئندا آهيو؟

(هڪ پاڪستاني ماهوار رسالي (جون 2011ع)
جو مضمون بتصرف)

**مٺا مٺا مدني مُنّو ۽ مُنّيو! ڇا اوهان بوتل (Cold Drink) شوق سان پيئندا آهيو؟ جيڪڏهن جواب ”ها“ ۾ آهي ته ترسو! پهريان ان جي تباهه ڪارين تي سرسري نظر وجهو، پوءِ اهو فيصلو ڪجو، جنهن ۾ اوهان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون هجن. بوتل يعني ڪولڊ ڊرنڪ جو سڀ**

ڪان وڏو جُز (حصو Part) مِٺاڻ آهي. مِٺاڻ يا تہ کنڊ (Sugar) مان حاصل ٿيندو آهي يا سڪرين (Saccharin) مان جيڪو اڇي رنگ جو هٽرادو سُفُوف (يعني نقلي پاؤڊر) آهي ۽ کنڊ ڪان تقريبًا 300 ڪان وٺي 500 ڀيرا وڌيڪ مٺو هوندو آهي! جن بوتلن ۾ کنڊ استعمال ڪئي ويندي آهي انهن ۾ کنڊ (Sugar) جو مقدار گهٽو هوندو آهي، جهڙي طرح فيضانِ سُنّت جلد اول صفحي 695 تي آهي: ”250 ملي ليٽر جي هڪ بوتل ۾ تقريبًا ست چمچا کنڊ (Sugar) هوندي آهي.“ کنڊ (Sugar) واري ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ سان ڏندن ۽ هڏين کي نقصان ٿيڻ، رت ۾ شگر جي مقدار وڌڻ، دل ۽ چمڙي (Skin) جي بيماري ٿيڻ جا امڪان وڌندا

آهن ۽ ان سان ”موٽاپو“ ٻہ ٿيندو آهي.

## سڪرين واريون شيون ۽ ڪينسر

آمريڪي اداري F.D.A کي سڪرين وارين غذائن بابت هزارين شڪايتون مليون. تحقيق ڪندڙن جو خيال آهي تہ آمريڪي عوام ۾ ڪينسر جي زيادتي، سڪرين وارين شين جي استعمال ڪرڻ جي ڪري آهي. سڪرين تي تہ ڪن ملڪن ۾ پابندي لڳائي وئي آهي. سڪرين جي استعمال سان مَثاني جي ڪينسر ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن.

# ڪولڊ ڊرنڪ جي شوقينن جي ڏندن جي بربادي

ڪولڊ ڊرنڪ ڪنڊ (Sugar) واري هجي يا ”شگرفري“ ٻنهي صورتن ۾ انساني صحّت جي لاءِ نقصانڪار آهي. برطانيہ ۾ 1992ع دؤران ٻارن جي ڏندن جي باري ۾ ڪيل سَروي (Survey) مان هي ڳالهہ ظاهر ٿي تہ ڪولڊ ڊرنڪ جي شوقين 20% ٻارن (يعني هر پنجين ٻار) جي ڏندن وارو حفاظتي تهہ ختم ٿي چڪو آهي. ڪوئن تي تجربو ڪيو ويو ۽ انهن کي ڪولڊ ڊرنڪس پياريو ويو تہ ڪوئن جا ڏند ڇهہ مهينن ۾ ڳري ويا. هڪ ”ڪولا ڊرنڪ“ جي بوتل ۾ انساني ڏند رکيو ويو تہ اهو ڏند نرم ۽ پورا پورا ٿي ويو.

# ڪولڊ ڊرنڪس سان هاضمي جي تباهي

زنگ لاهڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندڙ ”فاسفورڪ ايسڊ“ ڪولڊ ڊرنڪس ۾ وڌي ويندي آهي، اهڙي طرح معدي ۾ تيزابيّت ٿيندي آهي، هاضمي وارو عمل ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ کاڌو دير سان هضم ٿيندو آهي.

# ڪولڊ ڊرنڪس ۾ گندي گيس هوندي آهي

ڪولڊ ڊرنڪس ۾ گندي گيس ”ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ“ شامل ڪئي ويندي آهي، جنهن جي ڪري بُلبُلا ٿيندا آهن، انهن سان عارضي طور لذّت ضرور محسوس ٿيندي آهي پر اهي بُلبُلا ان گندي ۽ زهريلي گئس جا هوندا آهن جن کي

اسان ساهه جي ذريعي خارج ڪندا آهيون. اهڙي خطرناڪ گئس کي ڪولڊ ڊرنڪس جي ذريعي بدن ۾ داخل ڪرڻ بالڪل غير فِطري (Unnatural) عمل آهي.

## ڪولڊ ڊرنڪس پيئڻ جو مقابلو ڪٽڻ وارو زندگي جي راند هارائي ويٺو

هڪ ڀيري هند (India) ۾ گهٽين بوتلن پيئڻ جو مقابلو ٿيو، ان ۾ 8 بوتلون پيئڻ واري مقابلو ڪٽيو، پر زندگي جي راند هارائي ويٺو ڇوته ٿوري ئي دير بعد ۾ اهو موت جو شڪار ٿي ويو! ان جي موت جو سبب ٻڌايو ويو ته ان جي جسم ۾ ”ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ“ گهٽي مقدار ۾ جمع ٿي وئي هئي.

# ڪولڊ ڊرنڪس ۾ 6 قسمن جا ڪينسر

ڪاري بوتل يعني ڪولا ڊرنڪس ۾ ڪيفين (Caffeine) شامل هوندي آهي، ان سان پهريان تہ چُستي ٿيندي آهي پر پوءِ سُستي ٿيندي آهي. ڪيفين جي غير ضروري ۽ گهڻي استعمال سان حافظو ڪمزور ٿيندو آهي ۽ ڪاوڙ وڌندي آهي، دل جي ڌڙڪن جي بي قاعدگي ۽ هاءِ بلڊپريشر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ۽ پيٽ ۾ زخم ٿي پوندا آهن، ان ڪان علاوه ڪولڊ ڊرنڪس پيئڻ وارن ماڻهن جي ٻارن ۾ پيدائشي خاميون بہ ڏٺيون ويون آهن. (مثال طور ٻارن جو تمام گهڻو ڪمزور، چريو يا انڌو ٿيڻ يا ان جا هٿ پير وغيره ناڪاره ٿيڻ وغيره وغيره) هڪ تمام وڏي

ڳٽتي جي ڳالھ ھي بہ آھي تہ ڪولڊ ڊرنڪس جي استعمال سان 6 قسمن جو ڪينسر ٿيندو آھي، جن مان پيٽ ۽ مَثاني جو ڪينسر اڪثر ٿيندو آھي. ڪولا ڊرنڪس پيئڻ وارن ٻارن جي جسم مان ڪئلشيم گھڻي مقدار ۾ خارج ٿئي ٿو. (ڪئلشيم جي ڪمي ھڏين وغيره لاءِ سخت نقصانڪار ھوندي آھي)

## ساھ جي تڪليف ۽ گھبراھٽ

ڪولڊ ڊرنڪس جلد خراب نہ ٿيڻ جي ڪري ان ۾ "سَلفر آڪسائيڊ" يا "سوڊيم بنزانڪ ايسڊ" شامل ڪئي ويندي آھي، انھن ٻنھي ڪيميڪلز جي استعمال سان ساھ جي تڪليف، چمڙي (Skin) جي خارش ۽ گھبراھٽ جون

بيماريون پيدا ٿينديون آهن ۽ ڪولا ڊرنڪس ۾ ڪيمياوي رنگ به وڌا ويندا آهن، جنهن جا نقصان پڻ آهن.

رہوں مست و بے خود میں تیری وِلا میں

پِلا جام ایسا پِلا یا الٰہی (وسائل بخشش ص78)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنڊ مٺو زهر آهي

سڄي دنيا ۾ ڪنڊ (Sugar) جو استعمال ٿئي ٿو. انساني جسم کي هڪ مخصوص مقدار ۾ ان جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا ماني، چانور، سبزي ۽ ميون وغيره جي ذريعي عام طور تي پوري ٿي ويندي آهي، ان جي لاءِ ”اڇي ڪنڊ“ يا ان مان تيار ٿيل ڊش استعمال ڪرڻ ضروري ناهن

هوندا، باقي جيڪڏهن (Low Sugar وارو) مريض هجي ته ان کي ڊاڪٽر جي هدايت جي مطابق شگر جو استعمال ڪرڻو پوندو. اصول هي آهي ته کاڌ شيءِ جيڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ استعمال ڪئي وڃي ته اها نقصان ڏيندي آهي. اڄڪلهه کنڊ جو استعمال ضرورت کان وڌيڪ ٿي رهيو آهي ۽ غير ضروري شيون کائڻ جي ذريعي کنڊ جسم ۾ داخل ٿيندي آهي. مثال طور بوتلن، آئس ڪريمن، شربتن، مٺائين، ٽافين، منن ڊشن وغيره جو استعمال عام طور تي ڪاڏي طور نه اضافي طور تي صرف تفريحي طور تي ڪيو ويندو آهي ۽ ائين ڪرڻ پنهنجي هٿن سان پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هڻڻ جي برابر آهي.

کنڊ جي گھٽي استعمال جو وڏو نقصان هي آهي جو اها رت ۾ ”اِنسُولين“ جي مقدار وڌائي ڇڏيندي آهي جنهن سان ”گروٿ هارمونز“ يعني اهي هارمونز جيڪي جسم جي نشوونما ۽ واڌويجهه جا ذميدار هوندا آهن، انهن جي پيداوار رڪجي ويندي آهي، جنهن جي ڪري جسم جو دِفاعي (يعني بيمارين سان مقابلي ڪرڻ وارو) نظام ڪمزور ٿي ويندو آهي انسولين جسم ۾ چربي (سٽپ) ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪندي آهي جنهن سان جسم جو وزن وڌڻ ۽ موٽاپو ٿيندو آهي.

## کنڊ يعني شگر جا نقصان

ڪمند مان جڏهن ”ريفائن شگر“ تيار

ڪئي ويندي آهي تہ ان ۾ موجود سمورا اهم جزا جدا ڪيا ويندا آهن، جن جي انساني جسم کي ضرورت هوندي آهي. مثال طور تي وٽامنز، لوٽياٽ، پروٽين، اينزائمز وغيره. ان ڪري چيو ويندو آهي: ”جو ڪجھ بہ اسان کنڊ جي صورت ۾ استعمال ڪندا آهيون، اهي اسان جي هاضمي واري نظام کي تباھ ئي ڪندا آهن!“ تنهن ڪري اڇي کنڊ جيڪا عام طور تي بازارن ۾ موجود هوندي آهي، ان جي ڪا خاص غذائي اهميّت ناهي هوندي، بلڪ شگر جي ماهرن ان کي ڪينسر جي لاءِ ٻارڻ قرار ڏنو آهي. جيڪڏهن انهن بيمارين جي فهرست ٺاهي وڃي جن ۾ کٽي نہ کٽي کنڊ (Sugar) ڪردار ادا ڪندي نظر

ايندي آهي تہ اها خاصي ڏکي آهي. کنڊ دفاعي (يعني حفاظتي) نظام کي ڪمزور ڪندي آهي جنهن سان هر قسم جون بيماريون حملو ڪري سگهن ٿيون. اها لوڻياڻ جي توازن ۾ خَلل پيدا ڪندي آهي، ڏندن کي خراب ۽ ڪمزور ڪندي آهي. وار جلد اڇا ٿيڻ، ڪوليسٽرول ۾ واڌارو ۽ مٽي جي سور جو سبب بڻجندي آهي. جيڪڏهن اوهان کنڊ جو گهڻو استعمال ڪيو ٿا تہ ان جو مطلب آهي تہ ”وٽامن سي“ کي رت جي اڇن جيوگهرڙن (White Cells) ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ٿا ۽ اهڙي طرح اوهان پاڻ پنهنجو دِفاعي نظام ڪمزور ڪري رهيا هوندا آهيو.

# فهرست



| | |
|---|---|
| ﴿1﴾ فرعون جو خواب | 1 |
| فرعون جو اصلي نالو | 2 |
| ﴿2﴾ حضرت موسيٰ جن کي ٻرندڙ تَنُور ۾ وڌو ويو! | 4 |
| ﴿3﴾ واڍو گونگو ٿي ويو! | 7 |
| اسان ته ڪنهن جو نه بُرو چاهيون، نه ٻڌون، نه ڳالهائيون | 9 |
| ﴿4﴾ دريا جي لهرن مان ماءُ جي هنج ۾ | 11 |
| موسيٰ جي والد ۽ والده جو نالو | 14 |
| ﴿5﴾ فرعون جي بيمار ڇوڪريءَ | 16 |
| ﴿6﴾ ٿانڊو وات ۾ وڌائين | 20 |
| زبان جي لُڪنت (ٿاٿاڻ) ختم ٿي وئي | 22 |
| زبان جي ٿاٿاڻ جو علاج | 23 |
| ڇا اوهان ڪولڊ ڊرنڪ شوق سان پيئندا آهيو | 24 |
| سڪرين واريون شيون ۽ ڪينسر | 26 |
| ڪولڊ ڊرنڪ جي شوقينن جي ڏندن جي بربادي | 27 |
| ڪولڊ ڊرنڪس سان هاضمي جي تباهي | 28 |
| ڪولڊ ڊرنڪس ۾ گندي گيس هوندي آهي | 28 |
| ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ جو مقابلو ڪندڙ وارو زندگي جي راند هارائي | 29 |
| ڪولڊ ڊرنڪس ۽ 6 قسمن جا ڪينسر | 30 |
| ساهه جي تڪليف ۽ گهٻراهٽ | 31 |
| کنڊ مٺو زهر آهي | 32 |
| کنڊ يعني شگر جا نقصان | 34 |

# فرعون جو خواب

**ترجمو پيشڪش**

**مجلسِ تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجندؤ.

## مآخذ و مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
|---|---|
| قرآن شريف مع ڪنزالايمان | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| تفسير ڪبير | داراحياءِ التراث العربي بيروت |
| تفسير بغوي | دارالكتب العلميه بيروت |
| تفسير خازن | مصر |
| مسلم | دار ابن حزم |
| مستدرڪ | دارالمعرفة بيروت |
| عجائب القرآن | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| فيضان سنت | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| وسائل بخشش | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |